SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXII OF 1984

# سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REGIONAL PLAN ORGANIZATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1976 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act I of 1976
3. 1976 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Act I of 1976

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXII OF 1984

# سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REGIONAL PLAN ORGANIZATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1975 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ ريجنل پلان ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختتر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

سنڌ جي 1976 ايڪٽ I جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act I of 1976

2. سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1984 جنهن کي ان کانپوءِ بہ ايڪٽ سڏيو ويندو، ان کي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:

"برطرفي جو ڪو حڪم تيستائين پاس نہ ڪيو ويندو جيستائين غير سرڪاري ميمبر کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي".

سنڌ جي 1976 ايڪٽ I جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Sindh Act I of 1976

3. هن ايڪٽ جي دفعہ 16 جي شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) زمين حاصل ڪرڻ جي ايڪٽ، 1984 تحت متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت خريد ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ؛".

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**